ديوانِ

فقيرمَست مُحمد مُقيم رح

حضرت فقير مست محمد مقيم صوفي القادري قدس سره الله جي سوانح عمري ۽ ڪلام

تحرير ۽ سهڙيندڙ

فقير طارق حيات لاشاري

درگاهہ حضرت پُيل فقير صوفي القادري

لوڏراءِ شڪارپور (2012)

پهه لفظ

سڀ کان پهرين اُن مالڪ ڪريم ۽ مرشد جا ٿورا جن جي لطف و ڪرم سان جي ديوان مرتب ڪري اوهان جي آڏو پيش ڪيو آهي. هن ديوان جي تياري دوران درگاهه حضرت ٻُڍل فقير جي گادي نشينن حضرت فقير عبداالغفار بابو سائين ۽ حضرت فقير ثنا الله سائين جن جا لک لائق جو پاڻ مون کي هر وقت همٿائيندا ۽ منهنجي رهنمائي ڪندا رهيا. ڪافي موقعن تي پنهنجي مصروف زندگي مان وقت ڪڍي قيمتي مشورن سان نوزيندا به رهيا.

هن ديوان مرتب ڪرڻ دوارن مون کي صرف هڪ قلمي نسخي جي نقل دستياب هُئي جيڪا ڪافي پراڻي حالت ۾ هُئي. اُن قلمي نسخي جو ڪاتب سليمان فقير ساڪن شهر جهان خان هو. اُن نسخي ۾ ڪافي جاين تي لفظ مٽيل ۽ مشڪل صورت خطي ۾ هُئا. جنهن جي ڪري مون ڪوشش ڪري درگاهه جي اُنهن فقيرن سان رابطو ڪيو جن کي حضرت مست مقيم جن جو ڪلام ياد هو. تن فقيرن مان فقير غلام حسين ابڙو ۽ فقير نظير حسين ابڙو جو ٿورائتو آهيان جيڪي وقت به وقت منهنجي رهنمائي ڪندا رهيا.

هن ديوان ۾ اگر ڪٿي ڪا ڀُل چڪ ٿي وئي هجي ته مهرباني ڪري پنهنجي رائي ڪتاب ۾ موجود ايڊريس تي موڪليندا ته جيئن ان کي بهتر کان بهتر بڻائي سگهجي.

آخر ۾ ڏٽي در عرض ته شل مون هي علمي پورهيو قبول پوي. ان مان طالبن ۽ عقيدت مندن کي وڌ ۾ وڌ فائدو پوي.

02/11/2012

سگ در درگاهه ٻُڍل فقير

طارق حيات لاشاري

مهر محلو، نيو پنڊ، سکر
tariq.lashari@gmail.com
0333-7116642

حضرت شهنشاهہ ٻُڍل فقير صوفي القادري ۽ سندن فرزند فقير مست محمد مقيم صوفي القادري جي هڪ يادگار تصوير

حضرت شهنشاهہ فقير مَست مُحمد مُقيم
صوفي القادري

حضرت فقير مست محمد مقيم جن جو خانداني شجرو

فهرست

سوانح عُمري: حضرت فقير مست محمد مقيم صوفي القادري	6
پيدائش	6
سيرت	7
مجازي عشق	7
وصال	9
مولود	10
ڪافيون	11
ڪانگل جا بيت	101
بيت متفرقه	107
سسئي جا بيت	111
سسئي جو ٽيهه راتيون	114

سوانع عُمري

حضرت فقير مَست مُحمد مُقيم صُوفي القادري

سنڌ جي اهل ولايت بزرگن جو نالو هميشہ کان ئي تصوف جي دنيا ۾ مٿاهون ۽ مان وارو رهيو آهي. سنڌ جي فقيرن محي الدين ابن عربي جي وقت کان وٺي پاڻ کي پروڙڻ جي چاڻ ۽ پيغام ڏيندا رهيا آهن. انهن عشاقن ۾حضرت شاهہ لطف الله قادري، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي،حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي، حضرت سچل سرمست، شاهہ عنايت شهيد، حضرت قادر بخش بيدل، حضرت صوفي روحل فقير ۽ ٻين هنڌ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ حق جو هوڪو ڏنو. اهڙن املهہ هستين ۾ حضرت فقير ٻيدل فقير صوفي القادري جن جو فرزند ارجمند حضرت صوفي فقير مست محمد مقيم بہ پاڻ پنهنجي مٽ پاڻ هو .

پيدائش

حضرت فقير مست مُحمد مُقيم جن جي پيدائش جي بابت صحي معلومات راقم الحروف کي نہ ملي سگهي. پاڻ جن پيدائش **1880** جي ارد گرد ڳوٺ درگاهہ ٻُيدل فقير، شڪارپور ۾ ٿي. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي والد ماجد شهنشاهہ فقير ٻيدل سائين جن جي صُحبت ۾ رهيا. بقول ٻيدل سائين جن جي ”مست مقيم مون کي ڏاڍو پيارو آهي“. اهڙي روايت درگاهہ جا فقير بہ ڪن ٿا تہ حضرت ٻيدل سائين جن حضرت مست مُحمد مُقيم جن کي وڏ ۾ وڏ ڀائيندا هئا. جيستائين پاڻ پنهنجي اکين سان پنهنجي مربي پٽ کي نہ ڏسندا هئا تہ دل کي سک ۽ آرام نہ ملندو هين. ائين ڪٿي چئجي تہ حضرت مست مُحمد مُقيم جن شهنشاهہ ٻيدل سائين جن لاءِ محبوب جي صورت هئا. وري ان جي ابتڙ حضرت مست مُحمد مُقيم سائين هميشہ شهنشاهہ ٻُيدل سائين جن کي هڪ مربي پير مغان وانگر ڪري ڏٺو. فقير مست سائين جن جڏهن بہ ٻيدل سائين جي سامهون ويٺا تہ با ادب ٿي دوزانو ويهندا هئا. حضرت مست مُحمد مُقيم مرشد سائين حضرت ٻُيدل سائين سان عقيدت جو اظهار پنهنجي بيتن ۾ هن ريت ڪيو آهي:

”نيڻ ڪٿي تون نهار، مرشد نانءُ مولا جي“

هڪ ٻئي هنڌ فرمايو اٿن:

”مست مُقيم کي هر دم هادي، ٻيدل پري ڏي جام“

سيرت

حضرت فقير مست مُحمد مُقيم کي پير مغان طرفان عشق جي ڪا اهڙي عنايت مليل هئي جو پاڻ جيڪو وقت خلوت ۾ ملندو هين سو محبوب سان روح رهان ڪندي گذرندو هين. پاڻ رات جو آرام ڪين ڪندا هئا. گهڻو ڪري فقرائن کي وحدت جا راز سمجهائيندا هئا يا وري راڳ ويراڳ جي محفل مان عشق جي آڳ کي توڙ تائين پهچائيندا هئا.

ٻيدل سائين جن جي موجودگي حضرت مست محمد مقيم جن طالبن لاءِ هڪ مثالي مريد جي صورت هئا. ٻيا فقير سائين حضرت مست محمد مقيم جن کي ڏسي حقيقي مريد هئڻ جي معني پروڙڻ جي سعي ڪندا هئا. ائين ڪٿي چئجي ته ٻيدل سائين جن حضرت مست محمد مقيم جن صورت ۾ طالبن کي اها ٻئي تلقين ڪرڻ فرمائي ته ”طريقت جو طالب هيئن هوندو جيئن حضرت مست محمد مقيم جن آهي“

مجازي عشق

ڪنهن درويش جو قول آهي ”المجاز قنطرة في الحقيقت“ يعني ”مجاز حقيقت ڏي وڃڻ لاءِ هڪ پل جو ڪم ڪندو آهي“.حضرت فقير مست محمد مقيم جن ازلي حسن جو مشاهدو وٺڻ لاءِ هميشه پياسي رهندا هئا. پاڻ پنهنجي زندگي ۾ هڪ سچي عاشق وانگر وحدت جي باغ جي گلن جو واس ورتو. سائين حضرت فقير مست محمد مُقيم جن به اهل ولايت بزرگن وانگي مجاز جي منزلن مان اڪري پار ويا. انهيءَ مجاز جي سموري سفر ۾ سندن مرشد حضرت ٻيدل فقير سائين جن سندن همراهه هيا. انهي مجازي محبت جو هڪ حيرت ۾ وجهندڙ قصو جيڪو حضرت فقير مست محمد مقيم جن جي زندگي ۾ پيش آيو سو هت بيان ڪرڻ ضروري آهي.

حضرت فقير مست محمد مقيم جن سُلطان ڪوٽ جي پٺاڻن جي هڪ نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت خاتون جي مجاز جي الستي چوٽ جا شڪار ٿيا. فقير سائين جن جو عشق ڪو دنياوي ڪو نه هو. اِهو عشق آڪين جو آڪين سان هو. فقير سائين جن جو عشق ڪيترا ورهه جاري رهيو. فقير سائين جن کي پنهنجي محبوب سان ايترو ته لڳاءُ هو ڳالهه وڃي جيئڻ مرڻ جي قسمن تائين پهتي. انهيءَ دوران فقير مست سائين ان مجازي عشق جو اهڙو لڪُ ڪيو جو ڪنهن کي خبر ڪونه پئجي سگهي. چوندا آهن ته عشق ۽ مُشڪ ڪونه لڪندو آهي. اهڙي طرح هڪ ڏينهن فقير مست سائين جن محبوب رضائي الاهي سان برقعو مٽائي ويا. هوڏانهن فقير سائين جن جي محبوب دم ڏٽي حوالي ڪيو. هيڏانهن فقير سائين جن اُٺي ڪرڙا ٿيا. اکين مان نير ۽ سر تي خاڪ وسائي محبوب جي جسد خاڪي کي وٺڻ لاءِ فقراه کي سڏ ڪيائون. جڏهن فقراه کي خبر پئي ته انهن ڪان چرڪ نڪري ويا. اهو

اِن لاءِ تہ اُن دور ۾ سُلطان ڪوٽ جا پٺاڻ هڪ تہ پنهنجي قبيلي جا سردار ۽ پيو تہ تر ۾ سندن وڏو اثر رسوخ هيو. ڪنهن جي مجال ڪونہ هوندي هُئي جو پٺاڻن جو نالو وٺي. اُنهن جو نالو وٺڻ خاص ڪري ڪنهن ننگ جو چڻ خطري يا وري موت کي دعوت ڏيڻ جي مترادف هيو.

اِهو خيال ڪري فقيرن سائين مست مُقيم کي سمجهايو تہ ،”سائين جو وڃڻ مناسب ناهي.“ پر فقير مست سائين فقيرن کي چيو تہ، ”اسان پنهنجي محبوب سان قول قرار ڪيا آهن جيڪي اسين پاڙيندا سي. فقيراڻي جو جسد خاڪي درگاهہ بُڌيل سائين وٽ دفن ٿيندو. سو اچو تہ هلون.“ مرشد جي اُمر کي برچشم رکي فقراہ سائين مست محمد مقيم جن سان روانو ٿيو.

جيئن تہ سائين جن جو فقراہ هٿين خالي هئو سو هلڻ مهل انهن جي دلين ۾ خيال آيو شايد هو موت جي منهن ۾ پيا وڃن. سائين مست مقيم جن اهڙو اندازو باطني طريقي سان لڳائي ورتو ۽ فقيرن کي چيو تہ ”اوهين ڪو اُلڪو نہ ڪريو اسان توهان سان گڏ آهيون، توهان جو ڪو وار بہ ونگو نہ ڪندو.“ اهڙي آٿت ڏيڻ جي فقيرن جي همت وڌي وئي.

اُتي پهچڻ بعد سائين مست مقيم جن پٺاڻن جي حويلي ۾ اندر وڃي پهتا جتي سندن محبوب جو جسد خاڪي رکيل هيو. اُتي موجود خواتين ۾ شوروغل پئجي ويو. تان جو اها خبر ٻاهر تڏي تي ويٺل مردن تائين پهتي. سو اُهي وٺي پيا. جهڙي مهل گهر ۾ سائين جن جي آمهون سامهون ٿيا تہ غيرت ۾ جلي پچي ويا ۽ سائين جن کي نقصان پهچائڻ جو ارادو ڪيائون. تهڙي مهل سائين مست سائين جن انهن پٺاڻن کي هڪل ڏيئي ڪري چيو تہ ،”متان اڳرائي ڪئي ٿوءِ. هي اسان جي فقيراڻي آهي. اسان جا هِن سان نينهن جا قول قرار ٿيل آهن. سو هِن جو ڪفن دفن اسان ڳوٺ ۾ ٿيندو. اسان هي پاڻ سان گڏ ڪٺائي ويندا سون.“ اِهو ٻڌي هو ويتر تپي ويا. اُن مهل ويرين جي وچ ۾ بيهڻ ڪنهن جوڌي جوان ڪو ڪم هوندو آهي. سائين جن بلڪل بي خوف هئا. هُنن مان ڪنهن چيو تہ،” توهان جي محبت ۽ قول قرار ڪوڙا آهن.“ جنهن تي سائين مست مقيم جن کي جلال اچي ويو ۽ فرمايائون تہ ،” جي هيءَ فقراڻي پاڻ توهان کي چوي تہ پوءِ توهان مڃيندوءَ؟“ اهو چئي سائين جن فقيراڻي ڏي منهن ڪري فرمايو ،” اُٿ فقيراڻي، هنن کي ٻڌاءِ.“.

ان بعد جيڪو ٿيو سو اُتي موجود ڏسندڙ اکين جون وايون ٻتال ڪري ڇڏيون. مماتي واري فقيراڻي ڪفن مان سِرُ ڪڍي اٿي ويهي رهي. پنهنجي مائٽن کي مخاتب ٿي چوڻ لڳي تہ ”توهان هي ڇا پيا ڪيو. منهنجو سائين جن سان پاڪ محبت آهي ۽ تا قيامت رهندي. متان اڳرائي ڪري ڪو غلط قدم کنيو ٿوءَ جو ساري عمر لاءِ پڇتائي نہ وڃو. سائين جن جي هستي جي سُڃاڻ ڪريو.“ هنن لفظن بعد فقيراڻي سائين جن سان ڪنن ۾ ڪجهہ ڳالهايو ۽ پهرين واري حالت ۾ سمهي پئي.

هي ڪرامت ڏسي اُتي موجود تمام مرد ۽ عورتون سائين جن جي قدمن تي ڪري پيا ۽ گستاخي جي معافي وٺڻ لڳا. پاڻ انهن کي معاف ڪيو ۽ فرمايو تہ ،”اسان هاڻي هن فقيراڻي کي پاڻ سان گڏ ڪٺائي ويندا سين.“ جنهن تي پٺاڻن جي چڱي مڙس سائين جن کي ڳچي ڳارو ڪري ۽ هٿ ٻڌي ڪري عرض ڪيو تہ، ”سائين، هي فقيراڻي اسان جو ننگ آهي. جي هِن جو جسد خاڪي ڳوٺ کان ٻاهر ويو تہ ان

سان اسان جي پوري راڄ ۾ بي عزتي ٿيندي ۽ اسان ڪنهن جي اڳيان منهن نہ ڪڍي سگهندا سي. توهين ۽ توهان جا فقير پلي هن فقيراڻي جو جنازو ڪڍي هلن. مگر مهرباني ڪري هن کي دفن اسانجي ڳوٺ واري قبرستان ۾ ڪيو وڃي.“ اهو ٻڌي سائين جن اُنهن جي عزت رکي فقيراڻي جي جنازي کي فقرائن سان گڏ کڻي ڪري پنڻاڻ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو. اتي ٻي ڏينهن گذارڻ بعد سائين جن پنهنجي ڳوٺ واپس آيا.

وصال

ان واقعي بعد فقير مست سائين جن ڪافي اداس رهندا هئا ۽ ڪنهن شئي ۾ دل نہ لڳندو هُين. بس هر گهڙي محبوب کي پئي ياد ڪيائون. چون ٿا ٺيڪ هڪ سال بعد جيئن سائين جن جو پنهنجي محبوب سان وچن ٿيل هو. سو سائين جن ڪنهن فقير کي چيو تہ ڪاغذ ۽ قلم کڻي اچي. فورن حڪم بجا آوري ڪئي وئي. سائين مست سائين جن ان مهل پنهنجي وصيت لکي فقرائن جي حوالي ڪئي ۽ ڪجھ ماڻهن لاءِ پارتون ڪيائون. پوءِ سائين جن پنهنجي بابا سائين حضرت ٻُڍل فقير ۽ پنهنجي مُربي پائر سائين فقير عبدالڪريم سائين ۽ فقير عبدالحڪيم سائين جن سان آخري ملاقات ڪري موڪلائي ورتي. انهيءَ بعد سائين جن ”ياعلي مدد“ چئي چادر تاڻي سمهي رهيا. سائين مست مقيم جن جو روح مبارڪ انهيءَ حالت ۾ پنهنجي ازلي محبوب سان وڃي مليو.

مولود شريف

چوڻي لگ پني رين آيو، آيو محمد آيو
پرڻي رات رسول جي، حورن هنڌڙو وڇايو
پرڻي رات رسول جي، ملڪن مشڪ ملايو
مرڻ ويل مقيم چوي، ڪلمين ساڻ هلايو

چوڻي لا الہ الا الله، ڪلمون ڪيو نصيب الله
وڳا نغاري دين دا، چڙهيا احمد شاهہ
تلهي آءِ پيڙي دين دي، لوڏن لهرن ڪان بچاءِ
قبر انڌاري ڪوٺي، ناهي چلڻ جي جاءِ
عملين والين اڏر ڳئي، بي عملين جو تہ الله
بابا بيبي فاطمہ جا، امت ڪا ملجا
مرڻ ويلي مقيم چوي، ڪلمين ساڻ هلاءِ

ڪافيون

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

ويٺي مان تہ جَلان، جانب جي تہ جوشن ۾

راتيان ڏِينهان مان هِتي، سُور ڪَنهن سان سَلان
سِڪ جَنهن جي آ ساهہ ڪي، تِنهن سان شال مِلان
ڦُربئون ڪندا وَري هِنَ تي، هُوتَ اَچي ڪري هَلان
ويٺي سُتي وَري ننڊ ۾، برهہ ڏي تو پلان
جيڪا ڪيائُون ڳالهڙي، تنهن سان ويٺي پَلان
تڪيُون پِرينءَ جي پار ڏي، ڇُوهہ مَنجهئون ٿي ڇُلان
ماندو مَست مُقيم تو رهي، وهندو ڪيو وصلان

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

سندي پرين پچار، ويهي هِت ڪيئن مُون وِساريان

نينهن نهوڙي ناڙ ڪَيمہ پلپل ڪيان تي پُڪار

جانب جَڙي ويم جيءَ ۾ سَندي عِشق لغار

راتيان ڏينهان روح ۾ طلب تنهين جي آءِ تار

محبت جي تہ مست مُقيم ڪيہ ميخَ هَنئي منٺار

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

جُوڳي ويڙا پنهنجي وطن تيءِ سانگي مُسافر يار
وجهي ويا پيچ پريت جوءِ تن اندر ڪا اندر
ڪڏهن وسري ڪين ڪيءِ تن جي سار سنيار
موهي منُ مُقيم جوءِ سرها ٿيا سردار

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

مُحب مِٺا منٺار، من ڪا ٻاجهہ پَوَئي

جادو هَنيوَ جان ۾، قياس ڪيو ڪلتار

پاڻ ڪئون پاسي نہ ڪيو، ڪامل سائين قربدار

مونکي پسند تون ٿئين، سُهڻل گُل گُلزار

نالي نان الله جي، مُقيم پَرتو ٿي يار

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

آهن روز ڪي جهوڪان، جانب جون تہ جبل ۾

لايائين اچي اچڻ سان، محبت سنديون موڪان

رمز رنديءَ انهيءَ راز جو، خبر نانهين لوڪان

هيائين اچي اندر ۾ نينهن سنديون ڪي نوڪان

مقيم ڪنيو سر تي، ٿهڪ ڏيئي ايهي ٽوڪان

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

پيرين پنڌ ڪري ، ويندس خان پنهل ڏي

لتاڙيندس سر لڪن ڪي، تنهنجو نانءُ سري

هن ڏکيءَ جي ڏک ڪئون، ڏونگر پيو تہ ڏري

اٿندس اسر ويل ڪي، منجهئون ذري

ناقص هن تہ مقيم ڪي، گهوٽ اُتي گهري

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجهہ)

سڄڻ لهہ تون سار ميان، سورائتي جي سڄ ۾
ويٺي ستي ننڊ ۾، طلب تنهنجي آهہ تار ميان
سرڪ وارن سان سپرين، وٺي نہ وڃهہ هڪ وار ميان
تو ريءَ هن مسڪين ڪئون، نيڻن وهن ٿا نار ميان
پنهنجو ڪر پورهيت ڪي، دلبر ڪر نہ ڌار ميان
ناقص هن تہ مقيم ڪئون، ياقي نہ ٿيءُ يار ميان

ڪافي روپ ڪوهياري (مانجھ)

دلاسو ڏيندا ، بيرڳڻ کي بر ۾

پورهيت آهيان پِرَ جي، چڏيون نہ ويندا

ناتو هن مسڪين سان، نڀايون نيندا

دانهن سڻي دلگير جون، آري شل ايندا

مست مقيم سان ڳالهڙيون، وارث اچي وندبيندا

ڪافي روپ ڪوهياري (پيروي)

مونکي وڏو آهِ ماري ، جيجان جوش جتن جي
راتيان ڏينهان روح کي، ڳٽتي ايها تي ڳاري
اندر اداسي تو لئي، پلپل پيو تو پڪاري
جوش جلايم جيءَ کي، ٻاق وڏو آ ٻاري
من تہ منهنجي کي آه آسرو، ويندم گهوٽ گهڙي هت گهاري
سرتيون سور سجڻ جي، ٻيا وهم ڇڏيا وساري
بيقرار برهہ ۾، جيڪو اڇي سگهہ ساري
ڏتم جي تہ اکن سان طلب تنهين جي تي تاري
مقيم آهي تنهنجي...

ڪافي روپ ڪوهياري

چا ڪون چو تہ ڇڏي ويا، هيءَ نماڻي پوءِ هتڙي
گوليءَ هن تہ غلام ڪيو، گورن سان تہ گڏي ويا
هن هيٺي منهنجي حال تي، قياس تہ ڪو نہ ڪري ويا
سُتي پئي هيس سيج تي، سائل ڪي نہ سڏي ويا
ناقص هن تہ مقيم ڪيو، محبت منجهہ ماري ويا

ڪافي روپ ڪوهياري

شال نہ ڪنهنجي دلڙي اڙي، سرتيون سورن ۾ تو ساهہ سڙي

درد مئون دم دم ڪري دل دانهون، رنڌڙا ڏسيون تي روز رڙي

جهڙي تهڙي يار پنهنجي جي، منهنجي پنهل سان پتڙي پڙي

من ۾ مقيم کي محبت ميخان، جانب ويو اٿس جيءَ ۾ جڙي

ڪافي روپ ڪوهياري

پرين جي پاڙي، مولا اُتي نئين ماري
ويندس آءُ تہ انهن ڏي، جن لاءِ ٿو ساهہ سنياري
جانب ڪاڻ تہ جبل ۾، پلپل پيو ٿو پڪاري
ڏسڻ سان تہ مقيم ڏي، نرتئون شال نهاري

ڪافي روپ ڪوهياري

چو ٿيون مون کي جهليو ، ويندس خان پنهل ڏي

سنگت جي ڪري ويو هن سان، برهه ڪر ويو پلو

راتيان ڏينهان منهنجي روح ۾، اُبري سور سلو

رستو وٺي هن انهيءَ راهه جو، چاهه منجهائون چلو

جي ته پسو اوهين پِرَ ڪي، جوشن منجهه جلو

مقيم لڌو وري ان جو ڳولي يار ڳلو

ڪافي روپ ڪوهياري (جهنگلو)

محبت مست ڪيو سهڻي يار سڄڻ جي

ميخان مُنهنجي من ۾ هٽي هوت ويو

سڪ سڄڻ جي ساهه ڪي سورن سخت ڪيو

جادو جانب جيءَ ۾ جڙي جت ويو

راتيان ڏينهان پوريءَ جو چوري چت ويو

ناقص تنهنجي عشق ۾ مقيم مست ٿيو

ڪافي روپ ڪوهياري

پنڌڙا پير پرينءَ جا گهير گهٽيون چو ٽا اوهين پوءِ مٺي ڪي جهليو

اُتي اسُر ويل جو، پنهل ويا جيءَ جو رات وَٽيون

ويندس رهندس ڪينڪي، جبل ڪري توڙي جاڙون جُٽيون

ووڙي لهنديون سي هوت کي، محبت منجهه پوءِ جيڪي وٽيون

موهي ويا تہ مست مقيم کي، سيرن منجهه پوءِ ڏيئي سٽون

ڪافي روپ جوڳ (مانجهہ)

تخت هزارا صاحب ويس مٽا ڪي آيا

چاڪي نامہ چايس، پير پرت ۾ پايس،

بار برهہ دا آيس،جوڳي سڏا ڪي آيا

عشق جڏاهين آيس، پولو برهہ پڇايس،

محبت مچ مچايس، مُرلي وڄا ڪي آيا

هتڙي اولا ڪرندا، دليون پيا جو ڦرندا،

ٽور عجائب ٽرندا، رمز رلاڪي آيا

شاهن جو تہ شاهي، ملڪ دلين جو ماهي،

مقيمہ ٿيو آهي راهي، رنگ رچا ڪي آيا

ڪافي روپ جوڳ

قرب تنهنجو تہ ڪمال، ڏنم يار اکين سان

نينهن توهان جي جو نيشان اسان وٽ، برهہ هيس بر حال

ذڪر توهان جي ذاتيءَ واري، اندر ڏنو تہ احوال

محبت منهنجي من ۾، بيشڪ آهہ تہ بحال

راهہ انهيءَ سان ڪيئ رهبر راهي، هاٽي موٽڻ آء تہ محال

مست مقيم ڪي ڪيئ مرشد سائين، موتي گوهر گل لعل

ڪافي روپ جوڳ (مانجهہ)

جوڳي جادو لايا سور سهڻ مون آيا، پيچ دلين جا مون پايا، سور سهڻ مون آيا

راتيان ڏينهان تنهجي لئي جيءُ جکي تو منهنجو

ڳالهہ ڪيان مون ڪنهن سان باري برهہ جنهنجو

هوت هٽي ويو هيڪر، ڏونگر ڏوڙڻ آيا

دل ۾ دلبر پور پون ٿا مانکي

ساڙيو سرتيون نينهن ويمہ جو لاڪي

دکي دانهن ڪري، آتڻ اورڻ آيا

روز ازل کئون تنهن سان منهنجو پيچ پيو

ڇڏي نماڻي نند ۾ پنهل ڪيچ ويو

ماندي هيءُ مري، آتڻ اورڻ آيا

لوڪ لاڳاپا لاهي ويندس توڏي ڪاهي

ڪندو مهر مون تي پير هي تہ چاهي

رک سچائي ساهہ ۾، هي سر گهورڻ آيو

محب مليو آءِ جنکي سڪ صحبت تن کي

مقيم هار تنهجو ڳچي آه تہ ان کي

بيرنگ برهہ باري، گهايل گهارڻ آيا

ڪافي روپ جوڳ (بروو آسا)

هيٺا ٽيا اٿم حال، منهنجا سائين ريءَ سڄڻ جي

جانب هن جڏيءَ سان ، ڪڏهن ملندم شال

سنياريندي هوتن کي ، لنگهي ويا ڪي سال

راتيان ڏينهان هجي هن سان ، ڪڏهن ٿيندا وصال

هن تہ مقيمہ ڪئون هتڙي، جر وهي ٿو جال

ڪافي روپ جوڳ

مان وٽ پرين ايندمہ ڪڏي، قاصد خبر ڏي ڪا ڪري

پرين سندي پار ڏي، اکڙيون متل منتار ڏي،

رويون نهارن راهہ ڏي، جانب بنان جيءُ پيمہ جهري

حب آهي هنکي گهٽي، جيڪا پنهل تو کي وٽي،

جاٽي تو هڪڙو ڏٽي، ڳٽتيءَ انهيءَ ۾ ويو ڳري

مان سان اچي ميلو ڪري، ساعت هتي هڪ نا سري،

وارث اچي ڪا ور ڪري، محبت انهيءَ منجهہ پيو مري

هن تہ مقيمہ ڏي آءُ هلي، پير چمي تنهنجا چلي،

ڳرين لڳئون ڳلي ڳلي، منڙو پوي تڏي ٺري

ڪافي روپ جوڳ (ڌناسري)

تورو سگهان مون نہ لاهي سگهان تنهنجو وو يار پيارا

محبت تنهنجي مَحَوُ ڪيو الاہ گهور وڌم ٿم دل گهائي

لکن هزارين هن تہ گوليءَ کي الاہ نيڻ ڏنوَ نِوائي

راتيان ڏينهان خيالُ اسانکي الاہ پرين وٽ پُڄائي

مست مقيم کي اِيڏاهين الاہ سجدو ڪرڻ جُڳائي

ڪافي روپ جوڳ

دلبر توهان جي عشق ۾، ماندي مٺل مون تي لُڇان

منڙو منهنجو مشتاق آهِ، تو ريءَ سڄڻ غمناڪ آهِ

تو ڪان سواءِ نڪو ساءُ آهه، پيرا پنهل تنهنجا پڇان

سينو سوز فراق سان، پريو وتي راتيون ڏينهان

هي حال مون ڪنهن کي چوان، تو ريءَ سڄڻ ڪين ڪڇان

عقل مون جيڪو هيو، ساڙي تنهنجو سوز ويو

ڏسي پنهل مون ڪوڏيو، جنهن سان ٿين خوشان

مقيم سندو جيڪو حال آهه، تو کي پرين معلوم آه

تنهنجي گهورن جو ڪو گهاءُ آهه، بره ڪري تڏي بڇان

ڪافي روپ جوڳ (بروو آسا)

نيڻ ڪٽي تون نهار، مرشد نانءُ مولا جي

ڳالهائڻ ٻولهائڻ تنهنجو رايو، چشمن ڪي تہ چمڪار

ناز منجهارئون ڪڻ نيڻ اسان ڏي، سيني ڪي تہ سينگار

حسن هزاري پنهنجو سهڻا، هن ڏونگر مئون تہ ڏيڪار

مست مقيم ڪيوسين توهان ڪي، وائي ايها نہ وسار

ڪافي روپ جوڳ (توڙي ڏناسري)

دل کسي دلدار ويو، مون قران مستان ميان

زلفن سندي زنجير سان، قابو ڪرڻ ڪِير سان

محبت ڦاسائڻ مير سان، توڙي هجي سلطان ميان

چشمن سنديون چوڪان ڏئي، دلڙي سڄڻ ڪٺي قيد ڪَئي

ڪَل تہ مونکي ڪانہ پئي، ڏسي تيس حيران ميان

لبن سندن لالي لڳل، اندرئون تنهنجي وري موتي پوتل

غب غب والڙا گلڙا ڪُليل، پسي تيس پريشان ميان

مست مقيم موهجي ويو، ماڻو پرين تو جيڪو ڪيو

مونکي وجڻ تن ڏي پيو، وجي ٿيندس قربان ميان

ڪافي روپ جوڳ (ڪوهياري)

مونکي واه وڻي اتم وائي، دلبر لَنوَ ڪائي لائي

ڳجهه اندر ۾ جيڪا ڳالهڙي، سلي ڏنائون سائي

نذر نماڻي هئي جو هتڙي، طلب تن جي تائي

يار سڄڻ جو مون ڪي سدائين، خيال ويو ڪائي

راتيان ڏيهان مست مقيم ڪي، سندي وحدت وائي

ڪافي روپ جوڳ (ڪلياڻ پيروي)

پرين جي پار جا پانڌي ڏجانءِ خوش خبر خيراني

منڙو تن لئي آهي ماندو، سڪي ڏينهان رات ناهين واندو

برهه ته جي ڪير باندو، دلبر يار دوراني

سڪي ساري هنجون هاري، تن لئي يا نهاري

سرڙو هيءِ ڪڏهن نه واري، ڪجو ڪا محب مهرباني

اداسي حال هن جو آهي، تنهن ڏي اچي سڄڻ ڪاهي

لعلن وجو ليڙو پائي، هي هنئڙي ڪا حيراني

مقيم مست ٿيو هاٺي، موهيو تنهن کي تنهنجي ماٺي

الله تو کي ايڏهون آڻي، شاهن شاهه شاهاني

ڪافي روپ ڪلياڻ ڀيروي

ميلو منھنجو عجيبن سان، ادا قاصد ڪڏھن ٿيندو

جن جي تانگھہ آ تن کي، ملي محبوب سو من کي

ٿي راحت سچي روح کي، نذر ھيءَ نال جڏھن نيندو

پرين جي پار جا پانڌي. حقيقت ڏي ڪا ھوتن جي

تڏھن ھئي جو ڳڻ جيئندي، جڏھن جانب اچي ملندو

مقيم آيو برھہ باري، سچڻ ڏيندءِ ڪا دلداري

ٿيان قربان لک واري، اگڻ جڏھن ڀير پائيندو

ڪافي روپ ڪلياڻ ڀيروي

ڪڏهن ايندين سهڻا سائين، نماڻيءَ جي پڪي پيهي

ڪيان ٿي درد مان دانهون، ٻئي هٿڙا ٻڌي ٻانهون

ايندين تون يار ايڏاهون، اوريون ڏکڙا گڏ ويهي

ملڻ لئي يار هان ماندي، ناهيان مان وار هڪ واندي

پڇايان روز ٿي پانڌي، دهڪي ٿي درد ۾ ديهي

جڏي محبوب هٿ ايندو، مقيم سرهو تڏي ٿيندو

جدائي جا داغ سڀ لاهيندو، ويندو اڳڻ تي ويهي

ڪافي روپ جوڳ

هن نماڻيءَ جو ننگ مالڪ آءُ تو تي

تو ڪئون سواءِ ٻيو ڪين سجهي تو، تون آنءِ وارث وڪاڻي جو

دل توهانکي روز سنڀاري، تو آنءِ جانب جوڳياڻيءَ جو

هِت هُت آسرو تنهنجو آهي، تون ڪامل ڪوهاڻيءَ جو

مست مقيم تيءُ مرشد راضي، تو آنءِ الله اڍاٽي جو

ڪافي روپ جوڳ

رانجهن رمزن وارو، مولا مون کي ملايو

راتيان ڏينهان دل منهنجي کي، گهور نيڻن جي گهايو

ويٺي ستي سهڻل سائين، پيچ تنهين سان مون پاتو

محبت ڏئي من منهنجي کي، روح تن تہ ريجهايو

هن مقيم ڪي سهڻل سائين، نينهن نينهن سان لايو

ڪافي روپ ڪوهياري

پول نہ ٻيو ڪو پائنجانءِ، جاڻ انهيءَ کي تون ڄاڻجانءِ
پري نہ پائنج يار سڄڻ کي، صورت منجهہ سڃاڻجانءِ
ظاهر باطن حق ايهوئي، وائي ٻي نڪا وارجانءِ
خطرا خيال وهم وجودي، ڳالهہ انهيءَسان ڳارجانءِ
اندر ٻاهر آهي اِهوئي، لعلڻ ليئڙو پائجانءِ

مست مقيم رمز انهيءَ ۾، شڪ شبهه نه تون آڻجانءِ

ڪافي روپ جوڳ (ڪوهياري)

جيڪو رکي توسان ياري، ٻڙڇين تن کي ٻاري

نينهن جون نوڪان تن کي هڻين تو، ڪان مارين تو ڪاري

ساهه سڪائين تنهنجي سڪ ۾، جر وهائين تن ڪئون جاري

فقر منجهه تن کي ڦاسائين، ڳل ڳچيءَ وجهي ڳاري

مست مقيم تو وٽ سائين، ظاهر ڪري زاري

ڪافي روپ ڪوهياري

مان جهاتي ڪا جو پاتي، لَنوَ ڪوهياري لاتي

سينو سوز فراق ۾، جان ڪنبي جند چاتي

سمجهي سر صحي ڪيم سارو، ذڪر سٽي پوءِ ذاتي

دائم ديس انهيءَ ۾، خيال وجي ٿو خاطي

موهيو مست مقيم چئي، قرب وڙهي ڪا ڪاتي

ڪافي روپ ڪوهياري

رات ڏينهان مان روز ڏسان تي، اعلي حُسن عجيبن جو

ظاهر باطن وچ سيني ۾، ڪامل قرب قريبن جو

رهبر جنين تي راضي آهي، اُتي ناهي ضرور نصيبن جي

حاڪم حڪمت جو آ سائين مالڪ، دارون درد مريضن جو

مست مقيم هردم هادي، ضامن ضعيفن جو

ڪافي روپ ڪوهياري

اسان ياڙي هون نہ پڙوا هُون، قرب هاديءَ جي ۾ ڪرڙا هُون

موتوا قبل انت موتو، مامر انهيءَ ۾ مرٽا هُون

فاذڪروني اذڪرڪم، چاڙهہ انهيءَ ۾ چڙهٽا هُون

ظاهر باطن رمز انهيءَ سان، سوز سچڻ جي ۾ سڙٽا هُون

مست مقيم مستي دي وچ، ڏوهہ ڪنون نا ڏرڻا هون

ڪافي روپ ڪوهياري

اسان سوالي هون نا خالي هون، ساري ملڪ دا والي هون

ظاهر باطن حسن اسانڏا، ڪامل قرب ڪمالي هون

راتيان ڏينهان رمز انهيءَ وچہ مستئون مست موالي هون

مست مقيم مستي ڏيو ڇ، واحد وصل وصالي هون

ڪافي روپ جوڳ (وهاڳ)

نازڪ حسن تنهنجو آهي، جيڪو اچي مطلب پائي
زلف تنهنجا اهڙا آهن، پيچ دلن جا سي ٿا پائن
ڪاڪل جنهن تي ڪهل ڪن، علم عقل تن جا ڏاهي
چشمان تنهنجون جن ڏي ڏسن، هوش عقل تن جو ڪسن
رستو حقيقت جو پسن، لعل لهن تنهنجي آئي
چپن تنهنجن چرچو لايو، عاشق ڏسڻ جو ڪيو سعيو
جيڪو آيو سوئي گهايو، رستم هجي سو پي چاهي
مرڪڻ محب تنهنجو منو، هيڪر مقيم آهي ڪنو

بره سندو پاريو ٻنو، هيڪر پيو ان ۾ ڪاهي

ڪافي روپ ڪانرو (بروو پرياتي)

پرين پيچ وڌڙو لڳم بيقراري، اندر ۾ اداسڻ محبت ميخ ماري
سنياريان تي هن کي، راتيان ڏينهان ان کي
متل مهب من کي، ڪري روز زاري
شب روز تي ساريان، هنجون ويٺي هاريان
ايڏانهين تي نهاريان، چمن ۾ چوڏاري
لڳي ميخ جنکي، خبر آهي تن کي
پي نہ ڪل ڪنهن کي، ڳٺتيءَ تنهن جي ڳاري
ملي وڃ هيڪر، مقيم سان جيڪر
وهن روز نيڪر، آيم بره باري

ڪافي روپ پرياتي (بروو ڪانرو)

حسن جي هزاري ڏسين اکين سان، اچي جوش هر هر دلبر جي درسن سان

حسن مئون جو عبرت وٹڻ آءِ فرحت، وسي تنهين تہ رحمت

ٻڌين جي ڪنن سان

حسن جي جماليت سان، ڏسڻ آهہ راحت، تئي پوءِ ڪمالت

انهيءَ سوز سخن سان

ٻيائي ٻوڙ سانديءِ، رکج پوءِ ياري، وٹج پوءِ بهاري

تون گوهر گلن سان

موهي من مقيم جو، ڏيو يار ڪو جو، جاڳايم جوش جيءَ جو

چشمن جي چمڪن سان

ڪافي روپ ڪنيات

ڪڏان وت يار ميڏي گھر آيا، ڪڏان وت رمزين روح ريجھايا

ڪڏان وت جاني ڏيکاري جلوو، ڪڏان وت ڪري انساني اولو

ڪڏان وت پنج گھتيس سپ پولو، ڪڏان وت نيڻن نظر آيا

ڪڏان وت ذات صفات هڪائي، ڪڏان وت پول رکي تہ پيائي

ڪڏان وت وحدت ڪريندا وائي، ڪڏان وت بيڪہ بنا قر آيا

ڪڏان وت سهڻل سائين آيا، ڪڏان وت گونگھٽ مک لڪايا

ڪڏان وت پيچ مون سان ڪي پايا، ڪڏان وت بره پر آيا

ڪڏان وت هار سينگار ڪريندا، ڪڏان وت نازين نال لٽيندا

ڪڏان وت روح ميڏي ڪون ريجھيندا، ڪڏان وت خاڪ بدن ذر آيا

ڪڏان وت محبت منجھہ مجازي، ڪڏان وت ڪون پڇي اُتي قاضي

ڪڏان وت راز انهيءَ ۾ راضي، ڪڏان وت وائظي بنڪر آيا

ڪڏان وت مست مقيم ٿيوئي، ڪڏان وت آيا سوئي

ڪڏان وت جادو لڳايس جوئي، ڪڏان وت سير سري سِر آيا

ڪافي روپ بروو (پيروي ڪانرو)

ڪيو قيد دل کي سهڻل صورت ۾، هنيو ڪان ڪاري سدا سيني ۾

ظالم زلف زنگي، ڪاڪل سي ڪلنگي،

هڻن ڏنگ ڏنگي، رکي سو نظر ۾

ايهي نيڻ نوري، هيو جي حضوري

لٽيو دل سموري، عاشق جي ڏسڻ ۾

حسن تنهنجو اهڙو، بيان ڪيان مان ڪهڙو

هيرو نه لعل تهڙو، چمڪي چمن ۾

مقيم هيءُ جو ماندو، حسن تنهنجي آندو

بره ڪيو آ باندو، ويراڳي وطن ۾

ڪافي روپ جهنگلو

نيهڙو لڳو هوم لاغرض سان، ناتو نڀائڻ آءِ مشڪل بازي

عشق تنهين جي ڪيا اندر آڪيرا، پنهل ڏيندم اچي ڪي ڦيرا

ويندو ڏسڻ سان عقل هي تہ ماضي

محبت تنهنجي ماري مون تہ آهيان، ڳڻ سڄڻ جا ويٺي مون تہ ڳايان

پوءِ شال ٿيندا اُهي رهبر راضي

گهور نيڻن جي وري دل کي گهايو، پيچ تنهين سان مون ازل کئون پايو

ايندا اتي ڪي گنوريا غازي

ناز نزاڪت مونکي نهوڙيو، جانب جادو جيءَ ۾ جوڙيو

سهسين وڃن ٿا سُرَ ۾ سازي

مست مقيم ڦرندا سدائي، عشق ڪفر جي ڏني اوگاهي

توڙي هجن ڪي قضا وارا قاضي

ڪافي روپ بروو (جوڳ ڪنيات)

سڄڻ تو ڪئون سواءِ مونکي ساءُ ڪين اچي تو
دونهون تنهنجو درد جو، دل ۾ روز دُکي، ساڙيو سور وجي تو
هيڪر آءُ عاصيءُ ڏي، سائين لڳ سچي، پرتئون هت پچي تو
سپرين تنهنجي سڪ ۾، محبت مچ مچي، نرتئون نينهن نچي تو
مقيم تنهنجي کي هتڙي، رمزن منجهہ رچي، باهيون برهہ بچي تو

ڪافي روپ پيروي

زلف توهان جا ڦهري، مون کي مارن ٿا ڦهري

ڪاڪل تنهنجي قيد ڪرايو، لهر ڏنائون ڪافري

چپن تنهنجن چرچو لايو، لڳل اٿن ڪا بحري

يرون تنهنجن بره بچايو، چشمان ڏيکاري ڇهري

سڪ توهان جي ۾ مقيم ڪئون، نيڻ وهن ٽا نهري

ڪافي روپ بروو جوڳ

سڪان ٿي ساري رات لَنوءُ لات ڪانگل ڪا تہ پرين جي

اڇڻ جي تہ هن ڏي، وائي هين ڪا وات

ايندا ڪڏهين سپرين، ڪي پرھ ڦٽي پريات

جهوريءَ جيءُ جُهونُو ڪيو، تن ۾ تِن جي تات

ناقص هن تہ مقيم کي، ڏاتر ڏين تون ڏات

ڪافي روپ جوڳ (نار ڪٽ)

رات نيڻن سو نند ۾، يار ڏٺو هو دلبر

جانب جوڳي آيو، سهڄئون ڪري سعيو،

ازلي هيو رايو، نرتئون آيو نَرُ

سونهن تنهنجي اهڙي، ڳالهہ ڪيان تون ڪهڙي،

سج چنڊ نہ تهڙي، تنهن پرور ڪيو پَرُ

مقيم هي جو عاصي، حسن تنهنجي جو پياسي،

ڳالھ ايھا جو خاصي، خيال ويو پيو ڪَرَ

ڪافي روپ جو ڳ (توڙي)

تنھنجي حسن سندو جمال ڏسي، قربان ٿين ٿا ڪامل ڪُسي
دارا سڪندر طوس تونگر، نھوڙيا توھانجي ھڪ نظر،
تخت ڇڏي وڃي پيا بيرنگ بحر، ھستي ھوڻ تن جي کسي
عالم عابد توڙي ھجن، تبي قرب توھان جي سان ڪين پڇن،
ڏسي تنکي ڏاڍا جوش اچن، جانب اڳيون ڏين سھجئون سسي
ھنجي ڏنو تنھنجو منھن مٺا، قرب حقيقي ۾ پيا سي ڪُٺا،
عشق سندا تن اُلا ڏٺا، پوءِ مھر مولا جي تن تي وسي
حورن پرين سلام ڪيا، جن ملڪ انسان ڪيا،
ٻيائي جيڪي حيوان ھئا، لوڙھيائون لاڳاپا تو کي پسي
مقيم جھڙا تو وٹ سڄڻ، ڪيئي اچن ٿا جام پيئڻ،

راھہ وٺي اچن فيض لھڻ، عشق حقيقي ويا سي رسي

ڪافي روپ ڪلياڻ پيروي

هميشہ درد دلبر جي، مون کي ڪاهل ڪيو آهي
سدائين سُور سڄڻ جو،نہ آهي يار ٻي ڪنهن جو،
ٻري ٿو من اندر منهنجو، جبل جهاڳڻو پيو آهي
جُڪي ٿو جان مون جئڙو، پرت مون پيچ ڪو پيڙو،
پائي لعلڻ ويم لئڙو، طلب تائي چڙيو آهي
لَنوَ لعلڻ ويم لائي، مون کي ڪير ڀڏائي،
محبت مچ مچائي، قرب قابو ڪيو آهي
مقيم ماڙي ملامت جي، ڪٽڻ ڪم آءِ ڪنهن جي،

جيڪو اچي سسي تنهنجي، لعلڻ لاهيو بيٺو آهي

ڪافي روپ ڪلياڻ پيروي (ٺوڙي)

چمن ۾ اڄ بهاري ٿي، ٿيو گلزار پرين آيو

ڪئي گلن خوشي ساري، ٿيو نروار پرين آيو

چمن ڇهڇٽو لايو، پکين بيشڪ اچ پيارا، ويهي بلبل هر گل تي

ٿيو اظهار پرين آيو

سڪا وڻ ٿيا ساوا، ڏسي جلوو جانب جو، رنگا رنگي ڪليا گلڙا

ٿيو بهار پرين آيو

ڪلي خوشبو خونڪاري، چمن مئون اڄ خزان ويئي، عطر عنبر ڇٽڪايو

ٿيو هڪار پرين آيو

مقيم ٿيو مست مستانو، پسي چمن چوڏاري، ڪري ناز هر گل سان

تيو اسرار پرين آيو

کافي روپ ڪلياڻ (توڙي ييروي)

مونکي ديدار اي پيارا ڪرائڻ توکي واجب هو

نماڻي ڏي پرين نهارڻ توکي واجب هو

اندر ٻرات ڏينهن مونکي،طلب تنهنجي متا جاني، سڪائتي کي سدائين

سنيارڻ تو کي واجب هو

تسائيل اج سندي آهيان، پسڻ ديدار تنهنجي لاءِ شراب شوق هن وقت

پيارڻ توکي واجب هو

جدائي جوش تنهنجي ۾ جلي جيئڙو سدا منهنجو، سچائي سُور وارن سان

گذارڻ توکي واجب هو

مست مقيم کي دلبر جا، ٽيا سوراخ سيني ۾، قتيل کي منهن پرين پنهنجو

ڏيکارڻ تو کي واجب هو

ڪافي روپ ڪوهياري (پيروي)

رات رهي وڃ راڻا، جيءَ ۾ اٿم جهوراڻا

دل ۾ درد فراق جا، اُلاُ عرش اڏاڻا

تو ريءَ هن تہ جهان ۾، ڪنهن سان ڪنديس ماڻا

جاڪون جدائي تو ڪئي، ڪاڪ ڪندا ڪوماڻا

مست مقيم جا سڪ تنهنجي ۾، سنڌ سنڌ ٿيا آهن ساڻا

ڪافي روپ ڪوهياري (پيروي بروو)

شل نہ رُسي مون راڻو، سور مون کي سيباڻو

راتيان ڏينهان خيال اهوئي، محب نہ ڪر ماڻو

اندر اداسي منهنجو آهي، وسي برهہ جو ياڻو

انڙي بوند بهار جي، ڦوڳ ڦٽو سڀ لاٽو

مست مقيم ديس انهيءَ تي، دوئيءَ ناهي ڪو داڻو

ڪافي روپ ڪوهياري (بروو)

دلبر تو لئي جهاتي پاتم، ذوق زياده ذاتي آ

نور نظارو آهي سويارو، قرب وهائي ڪاتي آ

بي بره پڙڪو لايو، جان ڪنبي جند چاتي آ

ٻيائي واري ٻول ٻلڻ ڪون، ساري صاف حياتي آ

مست مقيم ڪي راتيان ڏينهان، لَنوَ سچڻ تو لاتي آ

ڪافي روپ ڪوهياري (بروو)

نور ٿيا نروارا، اظهارا دلبر دا

نورئون نور حقاني آيا، روح تنهين وچ مئن تہ ريجهايا

راز کليا رهبر دا

نور ڏتي هي ڏادي ڏيکالي، عبد ڳيا ٿيا قرب ڪمالي

پوش رهيا پرور دا

مست مقيم هر جا هادي، ضرب هٽين تون لاحد لا دي

خوف گيا محشر دا

ڪافي روپ ڪوهياري (بروو)

اندر اُداسي آهي، ڪيچ پنهل ويو ڪاهي

وٽندو واٽ وندر جي، لوڪ لڳاپا لاهي

هن تہ نڊر ڪي ننڊ نهوڙيو، پُورَ پلئي تي پائي

راتيان ڏينهان روح منهنجو، ساهہ سڄڻ ڏي ساهي

مست مقيم سڪ وارن کي، جبل جهاڳڻ چاهي

ڪافي روپ جوڳ

تون آن ظهورو ذات ، عاشق تي اظهار ميان

نينهن جو نعرو جو هڻ تون نانگا، پاءِ ملامت عشق جا گهانگها

طلب رکي تڪرار ميان

ڪافر تي ڏس عشق ڪمائي، لاڳاپا ڇڏ لوڪ جا لاهي،

سورهه تي سردار ميان

پيهي ڏسُ تہ هي سِرُ چاهي، هيٺ متي ڏس دم کي ڪاهي

الف آهين اسرار ميان

مست مقيم آهي اهوئي، چولي اندر ٻولي سوئي

سمجهي خيال خومار ميان

ڪافي روپ بروو

هون ڪافر عشق ڪي گروه ڪي، مسلم پير م ڏرتي هون
مسجد مندر جائون، رندي رمز م رهتي هون
جائون اُس گلي م، جٿ وري آپڪون آپ وسرتي هون
چوڙ ڪي دعوا دين والي، جٿيا گل وچ جڙتي هون
يي آستان ملڪ همارا، ڪعبا اسڪون ڪهتي هون
مرشد ڪي دواري جائون، ڪار نہ يي پوءِ ڪرتي هون
چوڙ ڪي ست ڪنارا، چاڙهہ انهين وچ چڙهتي هون
هم مستي دي وچ، حال هستي دا ينتي هون
اسي خيال هميشہ، بي خود باب سو پڙهتي هون

....

ڪافي روپ بروو

سُرها ٿيا اُتم سيں، جڏي پرين پاتم پير

اچن ساڻ هن ڪي، گهٽ لنگهايائون گهير

ڏسي منهن ان جو، قند چڏي ويا قير

نظر ڪيائون نيٽن سان، شاهي هيا ڪي شير

راتيان ڏينهان مقيم جي، هيئنڙي آهي هير

ڪافي روپ جوڳ

درد مون کي داغ ڪيا، سهڻل تنهنجي سور ۾

راتيان ڏينهان تات تنهنجي، ٻي نہ ڪا بات ڪنهن جي

گولي گڏيو هيءَ پنهنجي، پلپل آهي سو پور ۾

دل کي ملڻ جو شوق آءِ، راتيان ڏينهان اهو ذوق آءِ

محبت ايها سو موڪ آءِ، نوري نظر تنهنجي سو نور ۾

ازلي هيو رايو ايهو، پيچ پرين توسان پيو

مست مقيم مست ٿيو، گھايل تنهنجي سو گھور ۾

ڪافي روپ جوڳ

پلي آئين پلي آئين، تون محب مٺا

مرشد پيارا نور نيارا، چاڪر هي تون چائين

آسري توهانجي هيءَ سائل سدا، گولي هيءَ ڳڏائين

اندر اداسي منهنجو سدا، لنوڙي تون ڪا لائين

مست مقيم جو عرض اهو ئي، محبت مچ مچائين

ڪافي روپ ڪوهياري

سڄڻ ڪي تي ساريان، نينهن نهوڙي آهيان

پرين سندي پار جي، خاڪ لڳن ڪي لايان

ڏينهن ته سارو ڏک ۾، سورن ساڻ گذاريان

دردن ماري مون آهيان، هيٺو حال تي مون پانيان

راتيان ڏينهان روح ۾، محبت مچ مچايان

سيد سندي سڪ ۾، ويٺي نير وهايان

محبت جي ميدان ۾، اُلا عشق اڏايان

سوز پريان جو ساهه ۾، ڳڻ ٻڏي تي ڳايان

هلي هوت پنهل ڏي، پوءِ پيرين گهگرون پايان

مقيم عشق انهيءَ مئون، لک پلايون تي پايان

ڪافي روپ جوڳ (بروو)

اکيان تيڏي يار، لُٽيا ڪيئي هزار هزار

نظر تساڏي ڪيئي قاسايا، چشم سندي چمڪار

مئن تہ مسافر کي جادو لڳايو، جلوو ڪري جنسار

مئن تہ نماڻيءَ تي ڪيا سداءِ، سيف سيني ستڪار

حسن تساڏا جنهن تہ ڏٺو، اتي بره ڪري پلڪار

مست مقيم وٽ ذوق تنهنجي ۾ چيريون ڪن چمڪار

ڪافي روپ جوڳ (بروو)

بوندان بره جون وسن وسن، عاشقن جي خيال تي

محبت جي ميدان ۾ سورهه سانگ نه رڪن رڪن

موتوقبلل مري جيئن ٿا، راز رنديءَ تي رسن رسن

مقيم جيڪي محبت موهيا، روز پرين ٿا پسن پسن

ڪافي روپ سورٺ

سهڻا سائين نال اسانڊي نيڻ ڪٽي تون نهار،

رهبر سائين هن گولي کي پيالو پرت پيار

هي نماڻي مت وڪاڻي، سوڊل تنهنجي سائين،

ماندي ته ڪا مهر ڪيو هڪ وار

سڪ ته مانکي تنهنجي آهي ٻيو نه ويندس ڪاڏي ڪاهي،

جهڙي تهڙي تڏي تنهنجي پيئي هيءَ پينار

ٻاجهه ٻانهيءَ تي ڪيو ٻڏل هيءَ سڪي تي لئي وصل،

آسروندي آهي اصل جڏو جيءُ جيار

مست مقيم جي هيءَ سدا دلبر مان کون ٿيءُ نه جدا،

ڪافي روپ جوڳ

ڪٿن ڪيان وڃان ڪاڏي، دل منهنجي بيوس آهي
راتيان ڏينهان روح منهنجي ۾، تار ايهائي آهي
من اداسي منهنجو سدائين، قرب ڪارڻ پيو ڪاهي
منڙو منهنجو مشتاق آهي، ساهه تڏهن پيو تو ساهي
مست مقيم جي دلڙي ايڏاهين، دم دم ليئڙو تي پائي

ڪافي روپ ڪنيات

انڌا نہ ڄاڻن عام، اسان مستيءَ منجهہ مدام
رمز انهيءَ کي ڪين سڃاڻن، غافل ڀائن گام
فڪر انهيءَ کي ڪين سڃاڻن، لاقان مارن لام
پڱڙا ڀاڙي عشق حسن کئون، تازو کائن طعام
ذوق وارن کي ڏسي نہ سهن ٿا، خودي ڪرن پيا خام
غافل آهن بحر انهيءَ کئون، سنجهہ صبح ۽ شام
گلا غيبت ريءَ اصل انهن کي، ڪار نہ آهي ڪو ڪام
مست مقيم کي راتيان ڏينهان، ٻڌل پياري ٿو جام

ڪافي روپ جوڳ

قرب پنهل جي قابو ڪئي هان، ايندا شل نيندا هيءَ نال نماڻي

پرت پنهل سان هيم پياري، هيڪل ڇڏي ويا هت هڪ واري،

مهر ڪندا شل، آهيان عيبن هاڻي

اندر ڪي آءِ سرس سدائين، جيءَ منجهه جهوري جانب جائي،

ڪين ڇڏيندا، شل سڄڻ سڃاڻي

دل ڪي ڪيو آءِ راتيان ڏينهان، عشق تنهنجي ۾ ڪيان هت ڪيهان،

سور انهيءَ ۾، وتان سڏاڻي

مست مقيم ڪيو تنڪي، روح لڌو جنهن تہ رانجهن ڪي،

ڪافي روپ سورٺ پيروي (تان چنچل)

يار مون ڏي تو اچي، مون ڪيان سينگار

ذوق ذاتي ۽ صفاتي دلبر يار جو، قرب ڪاتي منجهه ڇاتي

بره ٽيو بهار اچ

سور ماري هيءَ ويچاري لئي وصل دلدار اچي، هڪواري دل جياري

نينهن ٽيو نروار اچ

نينهن لاتم مون سڄاتم، اي پرين تو کي صنم، ڄاڻ ڄاتم پيچ پاتم

خوب ٽيو خومار اچ

سجدو ڪيم سِرُ ڏريم، تنهن اڳيون جان فدا، حال هيم جيڪو ڇيم

جند ڪيو جنسار اچ

مقيم آيو گهور گهايو، يار سهڻل جي نظر، ساهه سعيو روح رايو،

دل ڪيو ديدار اچ

ڪافي روپ جوڳ

ڪڏي ملندين تون جاني، تولئي دلڙي ديواني

راتيان ڏينهان اصل اسان کي، بره لائي بيراني

مشتاقن سان دوست ملڻ جي، محب ڪيو مهرباني

شوق تنهنجي ۾ مون تہ وڃائي ، جوين هيءَ جواني

تنهنجي سڪڻ ريءَ ساهہ منهنجي کي، هينئڙي اٿم حيراني

دڳ هن تي مست مقيم ڪي، نينهن ڏنوَ نيشاني

ڪافي روپ پيروي (ڪانرو پريات)

ڇہ ڇہ چمن ۾ گلزار لائي، پيرو پونرن جان بلبل مچائي
رنگا رنگ گلڙا ڪليا هن ڦلڙا، پتنگ تنهن تي ڏين ولڙا
سندو مچ محبت، ملين ڪا واڌائي
نازبو نظارو ڏايو هولايو، پرٽئون پيچ تنهن سان مٽل مون ڪو پايو
وٽن واس سرها، عاشق سدائي
رابيل جو رايو گلاب بهاريو، سورج مندن تي وتي سينگاريو
ٽانگر ٿهڪ ڏئي، گُل ڪا ڪلائي
مقيم گلن تي مست موالي، چلي چاه مئون تو هر دم چالي

ڪافي روپ بنس

ملڪ مولا جو شال ڏسان، ڏونگر ڏوري مون پرين پسان

باري پنڌ برن جو، راهه وٺي مون رڙهي رسان

رايو تنهنجي روح ۾، وٽن تنهنجي مون ته وسان

آهي اڪير مقيم ڪي، چاه منجهارئون چسان

ڪافي روپ جهنگلو

جوش جلايم جانب جيءَ ڪي، روز ڪيان ٿي پره پڪارون
هيڪر وئين منهڙو ڏيکائي، ڳڻتيءَ انهيءَ وڌو مونکي ڳاري
تاب تپايم تن ۾ ڪي تارون
خوش تہ اهو ڏينهن باغ بهاريا، پير جڏي اچي تو ڊولڻ پايا
محب ڏيکاريون ڪي محبت ماڙون
اچڻ تنهنجي سان هي ساهہ سينگاريو، وڃڻ تنهنجي ڪو ٻارڻ ٻاريو
سور سڪايم لهڻ ڪي سارون
مست مقيم لڳو تنهنجي لاري، سجدو ڪري ٿو تو ڪي سنياري
تو ليءَ وجهي ٿو ڪي فڪر ۾ قارون

ڪافي روپ جوڳ

اهو پرين تون آهين، پول وچون چو تو آٽي

راتيان ڏينهان تون تہ سدائين، روح پئي ڪنهن سان ٽيو هاٽي

ڏس ڏيان تو توکي اهو ئي، طلب توڪل جيءَ سان تاٽي

اولو لاهي پانهپ وارو، چو منجهون تون چاٽي

مست مقيم ڳالهہ انهيءَ ڪي، چاڻ منجهئون ڏس چاٽي

ڪافي روپ بنس جوڳ

پنڌ عشق جا جيڪي پڇن، سر جو سانگو سورهہ سٹن

محبت سندي ميدان ۾، عاشق اچي جوشئون جلن

وحدت واريءَ سو واٹ ۾، گوهر اهي گويون ڪٹن

راتيان ڏينهان رند راءُ لہءِ، جوڳي اهي ننڊ ڪين ڪن

سڪ سوز ۾ سرها سدا، غير سنديون ڪوٹيون ڪٹن

اکڙيون سدا خمار سان، نينهن جي نشي پوتيون وتن

پنهنجو وساري سو پاڻ کي، جهاتي پائي جانب جهٹن

سچڻ سندي سڪ سوز ۾، مخمور موهيا وتن

مست مقيم مجاز ڪئون، مانجهي اهي منهن نہ مٽن

ڪافي روپ بروو

اسان نينهن منجهہ راضي، جئين وٽئي تئين واه واه

جيئن چوائين تئين چوان تو، بي حد بنايَو بازي

توڙي اسلامي آٽيون ڪفر ۾، چا تہ ڪندا اتي قِاضي

ڪاتي چاٽائين ڪاتي پلائين، ڪاتي ڪرائين آزي

شيخ ڪرين توڙي مشائخ، ڪي مست ڪرين تازي

هيڏانهن هوڏانهن پاٽئي آهين، هن سان ڪرين تو نازي

هتئون هاٽي همہ اوست وارو، سُر سيڪاريَو سازي

مست مقيم رمز سڃاڻي، غير ڇڏي ٿيو غازي

ڪافي روپ بلاولي جوڳ

آءُ پرين تون آءُ، تو لئہ ڏٺي ڏينهن ٿيا

راتيان ڏينهان ايڏاهين، تو ريءَ اچي نڪو ساءُ

دل منهنجي ڪي درد تنهنجي ۾، گهور لڳم ڪو گهاءُ

سر پنهنجو ڪيان مهماني، هاڻ اچي تون ڪاءُ

ملڻ ڪاڻ هن عاشق ڪي، طلب آهي ڪو تاءُ

مست مقيم کي جاڏي تاڏي، نظر اچي تو ناءُ

ڪافي روپ جوڳ

اچي پرين مل جاني، سڄڻ منهنجا سيراني

لَنوَ لعلڻ وئين لائي، مونکي سو ڪين ڀڏائي

محبت مچ مچائي، پرت لائي پريشاني

سڪ مون کي ساڙيو جائي، ڀڍل تو ڪا رمز لائي

مست کي خيال ويو ڪائي، بره لائي ڪا بيراني

مقيم موهيو تنهنجي ماڻي، طلب مون يار ڏانهن تاڻي

مُهاران محب موڙي آڻي، وسائج هيءَ ويراني

ڪافي روپ پرياتي

حسن توهان جو پيارا، ملڪ لٽي تو سارا

زلف ڪرائن زاري، ڏنگڙا ڪارن تا ڪاري

بي بشيهر باري، نانگا هڻن تا نعرا

پروان پنيون سي ڪاريون، تيزئون تکيون تلواريون

چشمان چٽن چوڏاريون، پرتئون ڪرن پسارا

ڏاڍي لبن ڪي لالي، سائل ڏسن تا سوالي

عاشق اتي پوءِ حالي، قربئون ڪن قرارا

ظاهر مقيم ذاتي، صورت تنهنجي سجاتي

لَنوَ تو سڃڻ لاتي، نازڪ ڪيون نظارا

ڪافي روپ ڪلياڻ پيروي

اگڻ منهنجي آيو جاني، ڪريان قربان جند ساري

سنياريائون هيءَ پنهنجي گولي، اصل ڪان جا هين ٻولي

چڱي سيد هيءَ ٽولي، سندي سردار سرداري

مڏي ۽ مال حڪمت جان ڪيان قربان سڀ پنهنجا

رڪان خيال نہ ٻي ڪنهن جا، سواءِ جانب جنساري

وڇوڙو هو ورهين جو، لاٿائون اڇي ننڊر هن جو

ڪيائون قرب ڪرم پنهنجو، وڌائون محبت سندي ڳاري

مست مقيم سڄڻ آيم، پيچ جنهن سان اصل پايم

اگڻ تن جي تہ نوايم، ڏٺم تجلي ڪا چوڌاري

ڪافي روپ بنس

متي ڏي يار متي ڏي يار، ياڪر ول تنهنجو رايو

نهوڙيو ناز نيڻن سان، تنهنجي گهورن گهايو

ٽيا جو نينا نظاري جام رکي رمزن سندو رايو

چٽيون سيف ابرن جي، ڪري سڄڻ مونکي سعيو

هن مست مقيم سان جاني، ملي لنوڙي اچي لايو

ڪافي روپ ڪنيات

مڏي گهران نہ مال، آهيان سِرَ جو سوالي يار

طلب اندر جون تاڙيون ڪولج، پيائي وارا پول تون پوڙج

بيحد هان بيحد

ڪامل ڪج تون قرب قرارو، نينهن هٽائج نرتئون نعرو

عشق ڪيو اظهار

راتيان ڏينهان وائي ايهائي، لَنوَ مونکي تو جيڪا لائي

طلب ڪيو تہ تيار

مست مقيم ڪي محب ملائج، پير اگڻ تون پيارا پائج

ڪافي روپ بروو

جانب منهنجي جيءَ ۾ لائي ويو ڪا لوري

هڪ قتيل فراق جي، پيو ڏک ېڌي آءِ ڏوري

دل ڪسي دلدار ويو، ظالم ڪري زوري

بيراڳڻ هيءَ ٻرَ ۾ چا ڪون ڇڏي ويا ڇوري

مست مقيم...

ڪافي روپ ڪوهياري

ساميڙا لَنوَ لائي ويا، مُئي کي ڪين پڏائي ويا

اُتي آڌيءَ رات کي، جوڳي ڪين جڳائي ويا

خوش ٿي وينا ملڪ پنهنجي تي، هت سور ۾ ساهه سڪائي ويا

راتيان ڏينهان روح منهنجي ۾، طلب جي تارون وجائي ويا

ماٺي سان دل موهي مقيم جي، سيني سڪ سمائي ويا

ڪافي روپ ڪنيات

هندو نہ مسلمان، آهيان عشق جو امام

سُني شيعي سان نہ ڪم اسانجو، سڀ ڪنهن سان سلام

عشق ملامت قرب اسان جو، خلق چوي توڙي خام

پرت جو پيالو پياريوَ، طلب نہ رهي طعام

مست مُقيم ڪي هر دم هادي، ٻيل پري ڏي جام

ڪافي روپ مانجھ

عشق جڏي سِر آيم ڪافر نام سڏايم، پير پرت ۾ پايم

راھ عشق جي مرشد ڏيکاري، تنهن مئون پيڙي سُڌ هيءَ ساري

سَٺ شريعت سان، ڳل ڳانا جٹيان جڳايم

عشق جو شعلو مون تي پيڙو، حياءُ عقل مون کئون ويڙو

دردن جو دهمان، سولي تي سِرُ چڙهايم

عشق اسان تي ڪاهي آيو، گهور نيڻن جي دل کي گهايو

جبل سارو جولان، ٻاڦ انهيءَ سان هڪدم ٻاريم

مست مقيم کي وحدت وائي، عشق پڙهايو باب خدائي

كفر نڪو اسلام، هر جاءِ حق سڃاتم

ڪافي روپ پهاڙي

هجر تنهنجي ڪيو حال هيڻو، غمخوار تنهنجي چا صلاح

سڪ تنهنجي ۾ اندر اداس آهي، ميخ لڳي آءِ من منهنجي ۾

منٺار تنهنجي چا صلاح

نينهن تنهنجي ۾ پيارا هردم پوڪاريان هر هر، مخمور مست ماندي

مختيار تنهنجي چا صلاح

آتش عشق تنهنجي ۾ سڙي ساه سينو منهنجو، دام تنهنجو آءِ ڪي دلبر

دلدار تنهنجي چا صلاح

مست مقيم سان منڙا جدائي تو ڪي نانهين، ثابت آهيان سڪ تنهنجي ۾

تنهنجي چا صلاح

ڪافي روپ پهاڙي

مِٺا هِن وار اڄ مُون کي، سَڏي سُرڪي پيارين ها
اَلائي چا صُبح ٿيندو، نِماڻيءِ ڏي نِهارين ها
مِلڻ لءِ يار مُون تُنهنجي، اُڏاريم ڪانگ اڄ ڪيئي
پَلائي جو ڪَري پيرو، ڏُکيءَ کي مُنهن ڏيکارين ها
پيالو يار ڏئي مُون کي، وَري پوءِ چو سِڪايو ٿا
اِيئن واجِب نہ هو تو کي، سِڪايل کي سينگارين ها
مِلين جي تان اَڄُ ملُ، حَياتيءَ کي بَقا ناهي
ڪَريان سِرُ سَاه سَڀ صَدقي، جَڏيءَ جو جيءُ جِيارين ها
رهي تُو مَست هي ماندو، مُقيم تو لءِ سَدا سُهڻا
هُجين هَان پرين مون ڏي، مُحب معشُوق مارين ها

ڪافي روپ سورٺ

عاشق اڇين جي هِن عشق ۾، وحدت منجهئون وڪڙي وڏاءِ

مردن سندي ميدان ۾، جي تون اڇين جوڳي ادا

سِرَ کي سڪ سوز مئون، گوهر ڪٺي گهوري گهماءِ

ڪثرت سندي هن ڪوٽ کي، خوني خنجر ڪٺي ڪپاءِ

نِرتئون نهوڙج نينهن سان، مانجهي اُتي منهن نہ متاءِ

خطرا گهٽا تي هن خيال ۾، هڪل ڪري تن کي هٽاءِ

ظاهر باطن گڏ ذات سان، هر هر ايهو هوڪو هُلاءِ

مست مقيم هن موج سان، پولي ڪڏهن پي نہ پڏاءِ

سِرَ کي سجاڻ سِرُ تي ايھو، قربئون اچي ڪوئتل ڪڏاۓ

ڪافي روپ جو گ

اُتي عمر ساري مٺا دم گذار، مٺا دم گذار پلڪ نا پھر

ميان مال مڏيون ڪم ڪين ايندۓ، سنيار پاڻ پنھنجو ھتون دوست نيندۓ

چڏي اھو ويندين، شاھي تون شھر

راه رب جي جا ڪون جئين تون، پري عشق پيالو پُر چو نہ پيئن تون

ھلندۓ ڪون اُتي، ماھي ڪو مڪر

مست مقيم رکج خيال خاصو، بنان عشق جي ھيو وٺ نہ پاسو

وھائج ھتون، وٺي وره وڪر

ڪافي روپ پيروي (ڪانرو پريات)

سنگھارن ڪي ساري رنم رات ساري، عقل هوش ويڙو بره بڇي بيماري

پورن منجھ پئي هان، ڪيان ٿي روز ڪيھان

نشي نينھن ني هان، ڳچيءَ ڳل جو ڳاري

جدائيءَ ۾ آھيان، ويٺي ٿي واجھايان

بره پلائي پانيان، وسائي مون واري

دلبر ويس هن ۾، ڏسان شال صحن ۾

ڏاڍي طلب تن ۾، مجھ نہ گھوٽ گھاري

مقيم مست ٿيڙو، جھري جان جيڙو

پائي لعل ليئڙو، ڏئي ويم ڏيکاري

ڪافي روپ جهنگلو

اُتا مينهن ملير مارن ڏي، موڪل ڏي ميان عمر تون امير

گاهه ڦٽا تيون ڏاڍيون گلزاريون، ڦوڳن هيٺ ڦرڙا پاريون

چاڪ اندر ۾ تن جا چير

بوندان بره اتي روز وسايون، جي تہ ڏسين اهي ڪرين وحدت وايون

وچني وسري اهي تنهنجون ماڙيون مير

ليمان لقمان تني مون تہ چاٺان، ڪائڻ اسان جو لُڙ ۾ لاٺا

طعام تنهنجي کون لڳن تيزئون تير

هنڌ پٽڙاٽيون ڪين وٽن ٿا، مهٽا مارن جا مانڪي ٿا

چا تہ چوندا اهي وارث وير

مست مقيم چوي طلب تپايو، گهاوَ مارن جي گهورن گهايو

ڪانگل جا بيت

ڪانگل چئج قريب کي هيءَ جو هت مري
ڏسيون سير پرينءَ جا ڏکن منجهه ڏري
جانب جي تہ جدائي ۾ گهٽيءَ منجهه گري
تنهن لکيو ڪاغذ سڪ مان جو آيو عشق اري
مقيم جي تہ منهنجا پرين هن وارث تي ور ڪري
چئہ پرين بنان پرديس ۾ هن جو جيءُ جهري
تہ مالڪ مير ملت جا ڏس تون ڏيان ڏري
تہ جنهنجو سينو سوز ۾ اندر مچ ٻري
سو پرينءَ کون پري ڪئن ٿا ڪريو سر

ڪانگل چئج قريب کي، حال وجي هھڙو
جئن ڏيانءِ نياپو نياز سان، تون بہ نئين تھڙو
جو ڏکن ڏيل وجايو، ہيو ذڪر لکان ڪھڙو
سائين لڳ سھڙو، مھرون ڪج مقيم سان

مھرئون هن مقيم جي، ڪج سائين سان صحبت
سورن صحت وڃائي، ہيو حيران ڪئي حيرت
محبن سان محبت ڪٽي، ڪامل تون ڪرائين

ڪانگل چئج قريب کي هٿ ٻڌي هيڪر
چئہُ روئي تو روز گھٽو، جنھن کون وهن ٽا نيڪر
پرور لڳ پھچ اچي پير پري جيڪر
مھرئون هن مقيم تي ڪي وسائج ڪڪر
سائين لڳ سرور ميل محبت جا ڪرين

کانگل وچ پرينءَ ڏي، پيرين پند ڪري
ٻيو ڏيانءَ نياپو ناز سان، نرتيون ڏيان ڏري
چئُ سائل تنهنجي سڪ ۾ تو مشتاق مري
جو ڪائي ڪين خوشيءَ مون، فراق منجهہ ڦري
توکي ساريون سڄڻا، توراهن منجهہ رڙي
جو ٻيا ٻہ گهڻا هوا پر منهنجو تو لئہ جيءُ جهري
ايڏانهن نهاريان سڪ مان هت منهنجي ڪين سري
مقيم سان تہ منهنجا پرين وچ ڪامل قرب ڪري
جو صنم هن سائل کون پرور لڳ نہ پري
جو واحد لڳ ڪو وڙ ڪيوس ٻيو گهايل ڪين گهري
جانب هن جڏيءَ جو جنهن وڌو جيءُ جڙي
سو پرينءَ کون پري ڪئن ٿا ڪريو سپرين

کانگل چئج قريب کي هيءَ جا حقيقت
راتيان ڏينهان روح کي، ٻيو نانهن جيءَ کي جميعت
اٿم آسرو ايڏاهين ڪر واحد وصليت
مون ۾ عيب اپار اٿي ٻيو بي حد بديعت
نڪو گهران زيب زماني جو، نڪو آهيان طالب طريقت
فڪر منجهہ فقير کي ڪراءِ فائق فضيلت

تو وٽ ڪانهي ڪمعيت، ڪر قرب پنهنجو ڪيچپيا

ڪانگل چئج قريب کي سخن هيءُ سارو
تئي ٻاجهه ٻانهيءَ تي ڪيو سيدﷺ سنيارو
اوکا گهير گهٽيون جاتي مونجهه ڪيو مارو
اتي مست مقيم کي هٽاءَ نينهن سندو نعرو
وحدت جو وارو، واحد لڳ وڇراءِ تون

ڪانگل چئج قريب ڏي هيءَ جا ڳالهه ڪٺي
تہ بي حد پئي هان بند ۾، هاڻي جيڪا توکي وٽي
هن ڪمينيءَ ڪچايون ڪيون، پيو وڏس حرص هٽي
هاڻي ڪري تو آزي، عجز مون تہ جيڪا منهنجي رب ٻٽي
دلبر درس ڪٺي ميٺي چڏ جاءِ مدس کي

ڪانگل وڃ قريب ڏي، جلد تون جاني
جهيڙا جٽيون تنهنجا ڪيم ڳچيءَ جي ڳاني
دُرس خوش آهيان دل ۾، هان دلبر تو داني
حاتق حقاني ڪٺي ميلو ڪج مست مقيم سان

ڪانگل وچ قريب ڏي پانڌي ڪٽي پيغام
درس پيو اٿم دل ۾ دلبر تنهنجو دام
هڪائي سڪ سوڙهو ڪيو، طلب نہ رهي طعام
مير مڪي جا چام ڪر ميلو مست مقيم سان

ڪانگل وچ قريب ڏي، پر ڳالهہ ڪجانءِ سچي
چئہ محبت جي ميدان ۾ پيو مقيم مچي
ڪڻ تون بار بدڪار جا ڪامل ڪج نہ ڪچي
دلبر پاڻ اچي ڪٽي ڪج ميلو مست مقيم سان

ڪانگل وچ قريب ڏي، روهن مئون تہ رسي
تہ وٺايم واٽ وجود ڪي، جا رهبر راهہ ڏسي
ڪامل هن ڪمذات ڪندو، قربئون ڪين ڪسي
هاڻي پرين تو ڪي پسي ڪٽي راضي ٿيندين روح سان

بیت مترفقہ

زُلف یار میڈٖي ڈِیان، ویکڻ نال لڑدا، قَسم پَرور دا،

جنگ اِھین وِچ جوئي آوي، مَرد اُھو مَردا، قسم پَرور دا،

اَبرو تنھان دي جوئي ویکي، سَیرُ کري ھِن سِرَ دا، قسم پَرور دا،

نک نشاني آھي حقاني، کیا بات کري بردا، قسم پَرور دا،

نیڻ نوازیل نُور پَریل، روشن ھن رَھبر دا، قسم پَرور دا،

اڳیون تنھاندي لعل کیا ھن، جو چپ چرن تنھن دلبر دا، قسم پرور دا

لَب سچڻ دا ایوین ویکو، چَا جَلوہ ویک قَمر دا، قَسم پَرور دا،

مَست مُقیم کي وائي اِھائي، جو چا ھي تاب قمر دا، قَسم پَرور دا.

وہ دلبر سھڻا من موھڻا، ھڻُ نال اسانڈٖي ٻولو بي

ابرو تمھارا عرش الاھي، چشم دلبر چولو بي

حسن تساڈٖي مئکون موھیا، لعل لبان ھس کولو بي

مقیم نماڻا نوکر تیڈٖا، واڳ وصل دي مولو بي

آهو عین عجیب سجݨ دي، گهور تنهن گهایا مئن پہ پایا

حسن تنهان سا کیا مئن آکون، شمس قمر شرمایا مئن پہ پایا

هکڑا کریندا سینگار عجائب، ڈوجها رنگ رلایا مئن پہ پایا

اکیان میٹیم تیڈي مست مقیم کون هر دا، هادي سخن سمجهایا مئن پہ پایا

عاشق نماݨي در تیڈي تي، عمر گذاري ساري ڈس هک واري

نال اسانڈي کݨ نیݨ نماݨا، کر صاحب لگ ستاري ڈس هک واري

نازین نال دل لٹ نیتوئي، ماݨي تساڈي ماري ڈس هک واري

مهݨا تساڈا سِر میڈي کون، صحت عجب سینگاري ڈس هک واري

مست مقیم کون خیال خدائي، طلب تیڈي دل تاري ڈس هک واري

نرگس نین سُهݨي سیاه سجݨ دي، هِن ناز پري نِروار ڈُوهین

کاکل صنبل حلال کریندي، مشق خطن تاتار ڈوهین

لَب مرجان لعل بَدخسان، قَند شَکر گفتار ڈوهین

قامت دلبر سَرو صنوبر، طوبا میکون هین رخسار ڈوهین

شان شَبر شَبیر دي هِن، دوست مینون درکار ڈوهین

حَسن حُسین حمایت میڈي، مُولا دي مُختیار ڈوهین

مَست مُقیم حامي دن حشر دي، تیسن نبي علي سردار ڈوهین

اکیان میڈي یار دِیان، کجلیان کاري، توبهہ زاري

ویکڻ نال من موھیندا، سُرت نیون ساري، توبھ زاري

گھایل دل کون گھاءُ مارِیندا، چَوڪ ڏیون چوڌاري، توبھ زاري

اَبرو سیف سَتن سَتڪار، ڏادو بره بچایم باري، توبھ زاري

مَست مُقیم اڳیان سھٹیان دي، ڳل ڳچي وچ ڳاري، توبھ زاري

ظالم زلف سڄڻ دي، جو ڪیدي خون جگر دي، قسم حیدر دي

کاون ماس ھڏان دا، پارِن باھ بره دي، قسم حیدر دي

ڪالي نانگ بشیھر وانگون، مارن ڏنگ زھر دي، قسم حیدر دي

چشمان ڪریندي چاڪ اندر وچ، ابرو تیغ تبر دي، قسم حیدر دي

لب سڄڻ دا ایوین ویکو، چا جلوا ویک قمر دي، قسم حیدر دي

مئن نماٹي ٹیس ایاٹي، چا جلوا ویک قمر دي، قسم حیدر دي

مَست مُقیم نماٹان ڪیا ڪري، جو پیس پیچ ازل دي، قسم حیدر دي

دلبر میڈا نور نوراني پاڪ پیشاني، قسم حقاني

ڪاڪُل میڪون قید جو ڪیتا بره لائي بیراني، قسم حقاني

چشم دلبر دي چور جو ڪیتا، ابرو سیف ایراني، قسم حقاني

نٹ نزاڪت نڪ وچ لاتي، بولو بینسر ڪیو مستاني، قسم حقاني

جب سڄڻ دا لعل چا ویکو، چا محب اڳیون مرجاري، قسم حقاني

ٹلڻ سڄڻ دا مور چا ٹلندا، ڪران قمر قرباني، قسم حقاني

موھیو مَست مَقیم کي مام انھيءَ، جو ھین راز رباني، قسم حقاني

جوڳي آيا جڳ ۾، مئي پريا مهراڻ

سڪ گهٽي هين ساهه ۾، محبت پريائون ماڻ

ماري نفس مدعي کي، پري ڪيائون پاڻ

موهيا مست مقيم چئي، جائي پيا هن جاڻ

وحدت جا وٿاڻ، ڪٿي ويراڳين وسايا

سسئي جا بيت

پلپل پُنهل يار، مُونکي پُور پون
تُون نڌر تي نِنڊُون ڪرين، تڏهن هوت وڃن
جيڪي ڪيچ پُڄن، نِنڊَ نہ ڪم تنهن جو

مُونکي پون پُور، پلپل پُنهل يار جا
سهسين اُيرن ساهہ ۾، سڄڻ تُنهنجا سُور
جانب وِڌم جنبُور، ڪٺي مُحبت جا مُقيم ڪي

پلپل پنهل يار جا، پاءِ ويٺي پُڄُ
رئندي رات گذار تون، ڏينهان ڪين ڪُڄُ
تڪيم شهر ڀنڀور ۾، ڪري من ۾ مدائي
هاٿي گهر گهر گدائي، ڪندس محبن ريءَ مقيم چئي

پينر شهر پنيور ۾، مون گهايل ڪين گهاريان
وٽي ور ولها ويا، هاٽي هنجون تي هاريان
ڪنيون پير پنهل جا، ترتئون نهاريان
سڄڻ ڪي ساريان، من پاروچو پاجهه ڪري

اديون ڙي اتم آسرو، منهنجو پاروچل ايندو
ورتيون نماٽي پاڻ سان، ننڌر هيءَ نيندو
مست هن مقيم ڪي، اچي دلاسو ڏيندو
گولي گڏيندو، ڪٽي پاروچل پاجهه سان

ڏهاڙيون ڏکيءَ ڪي، ڏکن ڏيکاريو
هڪ تہ نڪري آه اندر مئون، ٻيو تن جي تاب تپايو
هڪ بره ٻيو باهہ، ٽيون سورن سڪايو
جودئون جاڳايو، جوش تہ جتن جي جيڏيون

هڪ سور ٻيو سڪ، ٽيون وحدت جي وائي
چوٿون چلڻ چاه مئون، ڪرڻ ور سان وڏائي
ڇهون چنڻ نانهن ڪو، ستون صفائي

اڻون اٿڻ اُڪير مئون، جو ڪئي جاني جدائي

نائون نند نانهن ڪا، ڏهون ڏونگر ڏکيائي

يارهون ساڻ يقين جي، ڪئي رهبر روشنائي

ٻارهون ٻاڻ ٻروچ سان، تيرهون توڪل تڪڙائي

چوڏهون چاڪ جگر جي، گهايل هيءُ گهائي

پندرهون پور پنهل جو، اتم مقيم مولائي

سورهون سڪ سبيل تي، سترهون سوائي

اٺارهون تہ اُٺي هلي، جو ڪنهن نائي نوائي

اڻويهون آئي، ڪٽي ورهہ ڪيس ....

سسئي جون ٽيھ راتيون

ڦيريون رات پنڌ ڪري، ڏانگها آيس ڏير
پنهل نيائون پاڻ سان، ڦند ڪري ڪي ڦير
پانڌي موٽيا پوئتي، پويان ڪري پير
هيءَ صبح ساري سير، هو سنجهي سات ڦري ويا

ٻيءَ رات ٻاروچل ڏي، ڪامڻ هلي ڪهي
اچي پياهيس اوچتا، خطرا خيال کهي
ويندا ڏينهن لهي ڏفريندي کي ڏک ۾

ٽين رات ڪري تات، سرتيون سڄڻ جي
ملي مانجهي آٽي سانجهي، ٻي آءِ سڪ نہ ڪنهن جي
ڪري بات ملي ڏات، پرتيون پنهل جي
توڙئون آءِ تنهن جي، لکي روز ازل ڪئون

چوٿين رات چريءَ کي، بره ڪيو بيران
ٿي سڪي گهٽو ساه ۾، هوتن لاءِ حيران
هڪ هئي مَحوُ مجاز ۾، ٻي پرت ڪئي پريشان

محبت جو مئخان، ڏوري شال ڏسان وجي

پنجين رات پرين جو پلپل جاڳيس پور
ڪنهن کي سٽائي ڪين ڪي، محبت جو سُور
هڪ درد جاڳيو هوس دل ۾، سچڻ سندو سور
بره ڪئي پرپور ڪٽي مستيءَ منجهه مقيم چئي

ڇهين رات چاتيءَ مئون، ذڪر تيس ذاتي
آيس موج مستيءَ مون، پيو سور تيس ساتي
وهي ويس وجود تي، ڪا قرب جي ڪاتي
جا انت ڪون آتي، مولا شل نہ ميڙئين

ستين رات سرت مون، ڪيائين جاڳڻ جو جَسُ
تہ ملي هوت پنهل سان، قلب لاهيان ڪَسُ
سڪ تنهنجي آءِ ساه کي، ڏونگر ڏي ڪو ڏس
ووڙي ڪندس وس، جيڏيون تنهن جت لئہ

ائين رات اٿڻ سان، تي سڪ مون سڌ ڪري
جانب مئيءَ جو جتم، هو ويجهو من وري

بيراڳڻ تہ بلبل جيان، ڦيريون ڏئي ڦري
پرين وچ نہ پري، متان ڏکي ڪري ڏونگرين

نائين رات نياز مئون، ڪيائين آزي لڳ الله
ڏونگر منجهئون ڏکيءَ کي، رهبر ڏسج راهہ
پنهل پارس مٽيءَ جو، جنهن کي ساريو آءِ ساهہ
وارث ڪجانءِ واهہ ڪٽي، مانديءَ جي تہ مقيم چوي

ڏهين رات ڏکيءَ کي، ڏونگر ڏڪايو
جاڳي جو تہ جتن کي، تو ڦتيل ڦاسايو
وٺي ويا هي اوچتو، تو نشي نوايو
هاٽي صبح سنياريو، تو سات پنهنجو سسئي

يارهين ڏينهن يار ڏي، هيءَ هيڪلي هلي
ڏير ٻہ ويا هيس نڪري، چڏي ڳوٺ ڳلي
ڏسي بلائون برن جون، هيءَ پوئتي ڪين ولي
هاٽي جهولي ڪنهن نہ جهلي، وئي رمندي روهہ ڏي

ٻارهين رات ٻروچ ڏي، هلي پورهيت پند ڪري

ڏير ٻه ويا هيس نڪري، تي ڳٽيءَ منجهه ڳري
ساريو هوت پنهل کي، تي محبت لئہ مري
هاٺي ڏونگر يچ پري، متان ساڙي چڏئي سسئي

تيرهين رات تڪڙ مون تي وجهي وک وڏي
قتيل هئي تہ فراق ۾، ٻيو ڳٽيءَ اچي ڳڏي
سڪايل هئي سور ۾، روئڻ منجهه رُڏي
ٻاروچل ٻڏي، ڪڏي ويا هيس ڪيچ مئون

چوڏهين رات چرکو، تي چوري چوڏاري
سک ساڙيو هيس ساهہ کي، ڪري توبهہ زاري
ووڙي لهان نہ ور کي، ڏي ڏاتر ڏيکاري
جا محبت جي ماري، سا ماندي چڏ نہ مقيم چئي

پندرهين رات پنهل ڏي، ڪامڻ ڪيو پنڌ
باري بگهڙ برن جا، تنهنجو يچي ڪنڌ
ڏاري ڏونگر ڏاڪڙا، تئن مئون ڪري هنڌ
سسئي لڏو سنڌ، ڏکيءَ تنهن ڏونگر جو

سورهين رات سرتين کي، سسئي اتو هينءَ

جهليو ڪين اوهين جيڏيون، مان ڪاڪيون ڪندس ڪئن
ڪاهي ويندس ڪيچ ڏي، جاتي پنهل سينءَ
توڙي ڪائن شينهن، تہ بہ هاڙهي ملان هوت کي

سترهين رات سڌير تي، ڏنائين دل کي دلاسو
جهاڳي ويندس جبل کي، لڳندم پنهل سان پاسو
راضي ٿيڻ راز تي، اهو ڪم آهي خاصو
محبت جو ماسو، وين ڪين وجود مئون

اڻارهين رات اٿي ڪري، چتو چيائين
تہ وڃان هوت پنهل ڏي، جهڙڪيون جهائين
پڇي ڏونگر ڏور تي، ڪڏ متان ڪاهين
سچڻ جني سائين، ڏونگر ڏکيج تن کون

اڻوهين رات عشق مون ڪيون سسئي الاهون
تہ موٽ مديني جا ڌٽي، دلبر ٻڌي دانهون
ڏسي پيير پنهل جا، هاٽي نهاري هون
هن اجهل جون آهون، شل پونديون ڪن ڪريم جي

ويهين رات وصال جو هن کي ذوق ڏيو ظاهر
پرتيون چوي پاڻ کي، متان ڪوڙي ٿئين ڪاهر
هلندس هوت پنهل ڏي، شوق ڏيندم شاعر
هاڻي محب سان ماهر ڪندو، ڪامل ڪيچ ڏٽي جو

ايڪوهين رات اُٺي ڪري جانب وهائي جرُ
تون دانہ دلين جو ڏٽي، والي ملائج ورُ
صاحب سرتين وچ ۾، ڪامل ڪٽائج ڪرُ
هاڻي پوڳڻ جهاڳيو برُ ڏهاڙيون تہ ڏکن ۾

ٻاوهين رات پروچ جا، هن کي دل ۾ پيا دليل
هڪ ٻاندر بيحد برن ۾، پيا ڪرن الڳار اليل
اتاهون لنگهائج تون ڏٽي، قرب ساڻ قليل
هاڻي خطرا لاهہ خليل، بيراڳڻ جا برن ۾

ٽيوهين رات ٽڪر مون، هلي پورهيت پير ڪٽي
جانب جيڪو جت هوس، تنهن جاڳڻ ڳٽي
سڏي سائل سڪ مون ۾، هتڙا هيٺ هٽي
جيڪا والي کي وٽي، سا پينر ٻُلي ٻانيان

چووهين رات چلي هلي، ساجهر منجهئون سڪ
ڏکي نہ ڏونگر جا لنگهي ويندي لڪ
منهن جي پنهل يار سان، پولي اتم هڪ
چولي تي اتم چڪ، ڪئي پنهل ڪاڻ پنڌ ۾

پنجهوهين رات پنهل جو هن کي اچي پهہُ پيو
ويندس هوت پنهل ڏي، منهنجو جاڏي جت ويو
لا الہ الا الله محمد رسول الله، اهو هنيائين هلُ
ڪلمون چئي ڪل ملي هوت پنهل سان

داستان مرشد مست محمد مقيم صوفي القادري

تاريخ **23** ذوالحج **1361** هہ

بقلم سليمان فقير

از جهان خان